SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVIII مجريه 2015
# SINDH ACT NO.XXXVIII OF 2015
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2015
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2015

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 18 جي ترميم 2013
Amendment of section 18 of Sindh Act No.XLII of 2013

4.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 18_A کي ختم ڪرڻ 2013
Omission of section 18_A of Sindh Act No.XLII of 2013

5.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 19 ۽ 21 جي ترميم 2013
Amendment of section 19 and 21 of Sindh Act No.XLII of 2013

6.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 35 جي ترميم 2013
Amendment of section 35 of Sindh Act No.XLII of 2013

7.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 36 جي ترميم 2013
Amendment of section 36 of Sindh Act No.XLII of 2013

8.جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 37 جي ترميم 2013
Amendment of section 37 of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXVIII مجريه 2015
# SINDH ACT NO.XXXVIII OF 2015
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2015
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ACT, 2015

[27 آگسٽ 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٽئين ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2.مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾، شق (xcix) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(xcx) "نوجوان" مطلب نامزدگي ڪاغذ ڀرڻ وقت پنجويهه سالن جي عمر کان گهٽ شخص؛".

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 18 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"(2) يونين ڪميٽي: شهري علائقن ۾ يونين ڪميٽيز جو اهڙو انگ هوندو، جيڪو حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي ۽ هر يونين ڪميٽي هيٺين ميمبرز تي مشتمل هوندي.

(a) چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين گڏيل اميدوارن طور چونڊيا ويندا؛
(b)چار عام ميمبرز، هر هڪ پنهنجي لاڳاپيل وارڊ مان چونڊيو ويندو؛
(c)ٻہ عورت ميمبرز؛
(d)هڪ مزدور ۽ هڪ هاري ميمبر؛
(e)هڪ نوجوان ميمبر؛
(f) هڪ غير مسلم ميمبر؛

بشرطيڪ شقن (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل ماڻهو لاڳاپيل يونين ڪميٽي يا لاڳاپيل وارڊ ۾ ايندڙ ووٽرن طرفان بالغ فرينچائز جي بنيادن تي چونڊيا ويندا، جڏهن تہ شقن (c) کان (f) ۾ ايندڙ ميمبرز اهڙيءَ ريت چونڊيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ هر يونين ڪميٽي جو چيئرمين ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪارپوريشن، جيئن معاملو هجي، اتي يونين ڪميٽي جي نمائندگي ڪندو ۽ وائيس چيئرمين لاڳاپيل ضلعي ميونسپل ڪارپوريشن ۾

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 18 جي ترميم
Amendment of section 18 of Sindh Act No.XLII of 2013

يونين ڪميٽي جي نمائندگي ڪندو.”؛

(b) ذيلي دفعہ (5) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“(5) يونين ڪائونسل. ٻهراڙي علائقن ۾ يونين ڪائونسلز جو اهڙو انگ هوندو، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي، ۽ هر يونين ڪائونسل هيٺين ميمبرز تي مشتمل هوندي:

(a) چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين گڏيل اميدوارن طور چونڊيا ويندا؛

(b) چار عام ميمبرز، هر هڪ پنهنجي لاڳاپيل وارڊ مان چونڊيو ويندو؛

(c) ٻہ عورت ميمبرز؛

(d) هڪ مزدور ۽ هڪ هاري ميمبر؛

(e) هڪ نوجوان ميمبر؛

(f) هڪ غير مسلم ميمبر:

بشرطيڪ شقن (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل ماڻهو لاڳاپيل يونين ڪميٽي يا لاڳاپيل وارڊ ۾ اينداڙ ووٽرن طرفان بالغ فرينچائز جي بنيادن تي چونڊيا ويندا، جڏهن تہ شقن (c) کان (f) ۾ اينداڙ ميمبرز اهڙيءَ ريت چونڊيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(4) ذيلي دفعات (3)، (4)، (6)، (7) ۽ (8) جي شقن (b) ۾، ان اينداڙ انگ “22٪” کي انگ “33٪” سان تبديل ڪيو ويندو؛

(5) ذيلي دفعات (3)، (4)، (5)، (6)، (7)، (8) ۽ (9) جي شق

(b) ۾، لفظن “عورت ميمبرز” کانپوءِ لفظن “نوجوان ميمبرز لاءِ 5 سيڪڙو” کي شامل ڪيو ويندو؛

(6) ذيلي دفعات (3)، (4)، (6)، (7)، (8) ۽ (9) جي شقن (c) ۾، لفظن “هٿ مٿي ڪرڻ” لاءِ لفظن “ڳجهي راءِ شماري” کي متبادل بڻايو ويندو؛

(7) ذيلي دفعہ (6) ۾، شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“(a) ضلعي جي هر يونين ڪائونسل مان هڪ ميمبر لاڳاپيل يونين ڪائونسلز ۾ ايندڙ ووٽرن طرفان سڌيءَ ريت بالغ فرينچائز جي بنياد تي چونڊيو ويندو؛”؛

(8) ذيلي دفعہ (7) جي شق (a) ۾، لفظ “ميمبرز” لاءِ لفظ “چيئرمين” کي متبادل بڻايو ويندو؛

(9) ذيلي دفعہ (9) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(10) عورتن، نوجوان، مزدور يا هاري ۽ غير مسلم جي سيٽن جو انگ طئي ڪرڻ جي مقصد لاءِ، جيڪڏهن سيٽن جو انگ هڪ سيٽ تان ڪٽي پوي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيٽ هر ڪائونسل کي ڏني ويندي.

بشرطيڪ 0.5 کان گهٽ نسبت ڳاڻيتي ۾ نہ ايندي ۽ 0.5 نسبت يا 0.5 کان وڌيڪ نسبت مخصوص سيٽن جي هر ڪيٽيگري ۾ هڪ مڪمل سيٽ طور ڳڻي ويندي.”.

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ A_18 کي ختم ڪيو ويندو.

2013 جي سنڌ

ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 18_A کي ختم ڪرڻ
Omission of section 18_A of Sindh Act No.XLII of 2013

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 19 ۽ 21 جي ترميم
Amendment of section 19 and 21 of Sindh Act No.XLII of 2013

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعات 19 ۽ 21 ۾ لفظ "عورت" کانپوءِ لفظ "نوجوان" شامل ڪيو ويندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 35 جي ترميم
Amendment of section 35 of Sindh Act No.XLII of 2013

6. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 35 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (c) ۾ لفظن "ڪائونسل يا وارڊ" لاءِ لفظ "لاڳاپيل ڪائونسل يا وارڊ" متبادل هوندا.

| | |
|---|---|
| 7.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 36 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (c) کي ختم ڪيو ويندو. | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 36 جي ترميم Amendment of section 36 of Sindh Act No.XLII of 2013 |
| 8.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 37 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "يا" ۽ ذيلي دفعات (2) ۽ (3) ۾ لفظن "يا مختلف ڪائونسلز" کي ختم ڪيو ويندو. | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 37 جي ترميم Amendment of section 37 of Sindh Act No.XLII of 2013 |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**